ميڊيا ۽ سياست

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي

ميڊيا ۽ سياست

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي (SUP)

ميڊيا ۽ سياست

پهريون ڇاپو: 5 آڪٽوبر 2015ع

ليکڪ:

ادريس چانڊيو

مرڪزي اطلاعات سيڪريٽري (سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي)

ڪمپوزنگ: عبيدالله پنڊ

اطلاعات شعبو، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي (ايس.يو.پي)

مرڪزي سيڪريٽريٽ:

126, حيدر منزل، مسلم ڪالوني، سامهون نشتر پارڪ، سولجر بازار

ڪراچي، سنڌ

فون نمبر: 021_32228994

فيڪس نمبر: 021_32228994

سيل نمبر: 0306_2423394

ٽوئٽر: supmediacell

فيس بوڪ: Sup Spokesman

ويب سائيٽ: www.sindhunitedparty.org.pk

فھرست

ارپنا 5
پہ اکر 6
ميڊيا/صحافت 7
دنيا ۾ هن وقت خاص طور هيٺيان ذريعا ميڊيا واسطي استعمال ٿي رهيا آهن 9
ميڊيا جي تاريخ جو سفر 10
ميڊيا جو ڪردار 12
سنڌ اندر ميڊيا بابت معلومات 13
پارٽي جي ميڊيا سيل جو ڪم 14
ميڊيا سان لاڳاپا ڪيئن هجڻ گهرجن؟ 14
ميڊيا ۽ سياست 16
ميڊيا/ صحافت جا مثبت ۽ منفي پاسا 16
پريس رليز ڇا آهي ۽ ڪيئن لکجي؟ 20
پريس رليز جو نمونو 22
پريس ڪانفرنس 24
ميڊيا ۽ نفسياتي جنگ 28

ارپنا

انهن احترام لائق شخصيتن جي نالي.........

جن سنڌي صحافت جو بنياد وڌو.

پڌ اکر

هي ڪتابچو ميڊيا/صحافت بابت بنيادي معلومات تي ٻڌل آهي. خاص طور پارٽي جي ڪارڪنن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ لکيو ويو آهي. سن ۾ تحقيق ۽ سکيا لاءِ پارٽي جو سياسي اسڪول قائم ٿيل آهي، تہ جيئن قومي ڪارڪنن خاص طور سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي ميمبرن کي سياست، فلسفو، تاريخ ۽ ٻيا علم پڙهائي، هڪ سٺو قومي ڪارڪن ۽ اڳواڻ بڻائي سگهجي. پارٽي صدر سيد جلال محمود شاهہ جي هدايت مطابق ميڊيا جي موضوع تي مون هي مواد گڏ ڪيو آهي، جيڪو مختصر آهي. ڇو تہ جيئن ميڊيا جي طاقت کي ڪنهن بہ ريت ماپي ۽ توري نہ ٿو سگهجي، اهڙي ريت چند سٽن ۾ ميڊيا جي وصف، تاريخ ۽ ڪردار کي پيش ڪرڻ مشڪل آهي.

سنڌ ۽ ملڪ اندر جهڙي ريت جمهوريت، ڪنٽرول جمهوريت (Control Democracy) آهي. اهڙي ريت ميڊيا بہ ڪنٽرولڊ ميڊيا آهي، ڇو تہ ميڊيا کي جيڪو ڪجهہ ڪرڻو آهي اهو ڪري نہ ٿي ۽ هن کان جيڪو ڪجهہ ڪرايو وڃي ٿو اهو ڪري رهي آهي.

انفارميشن ٽيڪنالاجي واري ترقي ميڊيا جي اوسر واري عمل ۾ ڇلانگ ڏياري رهي آهي. صحافت جو سفر عنقريب بلندين تي پهچڻ وارو آهي، هڪ نئين دنيا جو آغاز ٿي چڪو آهي. مستقبل قريب ۾ اهو ٿي ٿيندو تہ آزاد صحافت ئي آزاد دنيا جو سبب بڻجندي.

ادريس چانڊيو

حيدر منزل ڪراچي

تاريخ: 5 آڪٽوبر 2015ع

ميڊيا/صحافت

ميڊيا جو لفظ پڙهندي ئي هر ماڻهوءَ جي ذهن ۾ ٽي وي چئنلن جو تصور اُڀري ٿو اچي جڏهن ته ميڊيا هڪ وسيع معنيٰ رکندڙ لفظ آهي. اهڙي طرح صحافت کي عام طور رُڳو اخباري دنيا جو ڪم سمجهيو ويجي ٿو. اصل ۾ فرق رڳو ايترو آهي ته اخباري دنيا کيٰ پرنٽ ميڊيا سڏجي ٿو ۽ ريڊيو ٽي ويءَ جي دنيا اليڪٽرانڪ ميڊيا آهي. ميڊيا جي دائري ۾ هر اهو وسيلو اچي ويجي ٿو جنهن سان ڪابہ معلومات ٻين تائين پهچائي ويجي ۽ هر اهڙي وسيلي ذريعي معلومات يا اطلاع پهچائڻ کي صحافت چئجي ٿو. صحافت لفظ "صحيفي" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي نيا پنو يا اطلاع. جڏهن ته انگريزيءَ جو اکر جرنلزم فرينچ لفظ جرنل يا "ڏجور" مان نهيو جيڪو وري اصل ۾ لاطيني لفظ "ڏرنال" مان ناهيو ويو جنهن جي معنيٰ "روزانو" ٻڌائي ويجي ٿي. قديم زماني ۾ روم ۾ هٿ سان لکيل هڪ اخبار جو پنو روزانو شهر جي چونڪ تي هنيو ويندو هو جنهن تي نالو رکيو ويو "ايڪتا درنا" ۽ ان کي دنيا جي تاريخ جي پهرين اخبار سڏيو ويجي ٿو. صحافت جي دنيا جا محقق بهرحال ان خيال جا آهن ته صحافت جو بنياد بہ انساني تهذيبن سان گڏ ئي پيو تنهنڪري اهي صحافت کي بہ گهٽ ۾ گهٽ پنج هزار ورهيہ پراڻو سمجهن ٿا. قديم

زماني ۾ رعيت لاءِ پٿرن تي اُڪر ذريعي بادشاهن جا حڪمناما ۽ هدايتون بہ صحافت جي ابتدائي شڪل سمجهيا وڃن ٿا. جڏهن دنيا ۾ ڪاڳر ايجاد ٿيو تہ پٿرن تي اُڪر جي جاءِ قلم سان هٿ اکرين لکيل فرمانن سنڀالي. ايئن دنيا ۾ صحافت جو ڪلچر پنهنجي جاءِ ٺاهيندو ويو ۽ وقت گذرڻ سان گڏ صدين جو سفر ڪندي صحافت اڄوڪي شڪل ۾ پهتي آهي. سنڌ ۾ صحافت جو بنياد بہ ايئن ئي پيو ۽ پٿر تي اُڪر ۽ ڪپڙي ۽ ڪاڳرن تي قلم سان لکڻ کانپوءِ اُڪر ذريعي ڇاپ جا ارتقائي مرحلا طئہ ڪندي اُڻويهين صديءَ ۾ ڇپائيءَ جي جديد سهولتن ملڻ سان موجوده شڪل ۾ آئي آهي. مارڪونيءَ 1901 ڌاري ريڊيو ايجاد ڪري انقلاب آندو تہ وري 1920 ڌاري ٽي وي ايجاد ڪئي وئي. ريڊيو تہ هن ملڪ ۾ ورهاڱي جي نتيجي ۾ حصي طور 1947 ۾ مليو پر اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ٽي ويءَ 1968 ڌاري پير رکيا جڏهن تہ خانگي شعبي ۾ ايف ايم ريڊيو ۽ ٽي وي چينلن جي اجازت 2002 کان ڏني وئي، جنهن جي نتيجي ۾ هن وقت سنڌ اندر سنڌي ٻوليءَ جا پنهنجا ريڊيو چينل بہ آهن تہ پنج ٽي وي چينل بہ پنهنجي اهميت مڃائي چڪا آهن. انهن ئي ٽي وي چينلن مان ڪِن خبرن، ڊرامن ۽ ميوزڪ جا الڳ الڳ چينل شروع ڪيا آهن. انٽرنيٽ اچان بہ وڏو انقلاب آندو آهي جو هاڻ ڪافي سنڌي اخبارون ۽ ٽي وي چينل ويب سائيٽن تي هجڻ سان گڏ آن لائين اخبارون، رسالا ۽ ريڊيو بہ شروع ٿي چڪا آهن. اهي سموريون شيون ميڊيا سڏجن ٿيون جن ۾ هاڻي فيس بُڪ، ٽُئٽر ۽ ٻيون شيون سوشل ميڊيا جي نالي سان شامل ٿي ويون آهن. اهڙي طرح ميڊيا هڪ نئون ڪلچر متعارف ڪرائي ڇڏيو آهي.

ميڊيا ماڻهن جي وچ ۾ رابطي ۽ پهچ جو ذريعو آهي، جنهن سان معلومات کي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ منتقل ڪري سگهجي ٿو. ميڊيا اکر ميڊيم مان نڪتل آهي جيڪو اصل لاطيني ٻوليءَ جو لفظ آهي - انگريزي ٻوليءَ ۾ اهو لفظ پندرهين صديءَ کان استعمال ۾ رهيو آهي پر ويهين صديءَ ۾ ڪيناڊا جي ماهر مارشل مڪلوهن Marshall McLuhan ۽ آمريڪي اسڪالر جان گُئلري John Guillory پهريون دفعو رابطي جي ذريعي طور ميڊيا جو ٽرم استعمال ڪيو. جيڪو هن وقت سڄي دنيا ۾ مقبول عام آهي-

دنيا ۾ هن وقت خاص طور هيٺيان ذريعا ميڊيا واسطي استعمال ٿي رهيا آهن

1. اليڪٽرانڪ ميڊيا : ٽيليويزن ۽ ريڊيو
2. پرنٽ ميڊيا : اخبار ۽ مئگزين
3. سوشل ميڊيا: ڪمپيوٽر جي ذريعي اي ميل، ويب سائيٽ، فيس بوڪ يوٽيوب ۽ ٽُئٽر وغيره

ميڊيا جي تاريخ جو سفر

ميڊيا کي اجوڪي ترقي يافته سطح تي پهچڻ لاءِ هزارين سالن جو سفر ڪرڻو پيو آهي- ميڊيا تاريخ جو سفر هن ريت طئه ڪيو آهي:

40 هزار سال اڳ، جنهن کي اوائلي دور سڏيو وڃي ٿو انسان جو عظيم ڪارنامو اهو هو ته انسان ٻولي ڳالهائڻ سکي ورتي. ان دور ۾ انساني ڪميونيڪيشن جي شروعات ٿي. اشارا، مصوري، نقشا ۽ پهاڙن تي لکڻ ان جا شروعاتي حصا هئا ۽ انسان ٻولي ذريعي پنهنجي ڳالهه ٻئي انسان کي ٻڌائڻ ۾ ڪامياب ٿيو-

سا ڍا پنج سئو سال قبل مسيح دوران فارسي سلطنت اهم ڪم اهو ڪيو ته هن ٽپال جو نظام قائم ڪري ورتو. اهڙو ئي ڪم بعد ۾ روم جي سلطنت پڻ ڪيو-

ساڳئي وقت 18 هين صدي تائين رابطي جو ذريعو گهڻي قدر ماڻهو هئا، جيڪي پيادل يا گهوڙي سوار تي اهم خبر يا پيغام هڪ کان ٻئي تائين پهچائيندا رهيا-

17 هين صدي ۾ دنيا اندر پهريون پيرو اخبار جنم ورتو. 1605ع ۾ ملڪ جرمني اندر ٿورن صفحن واري اخبار تعلقات (Relation) ڇپجي ماڻهن جي هٿن ۾ آئي-

1906ع دوران براڊ ڪاسٽ جو دور آيو ۽ 1920ع ۾ برطانيا ۾ پهريون براڊ ڪاسٽ پروگرام ريڊيو تي نشر ٿيڻ شروع ٿيو.

7 جولاءِ 1936ع ۾ آمريڪا اندر ٽيليويزن وجود ورتو.

ڪمپيوٽر جي ذريعي پهريون دفعو 1971ع دوران اي ميل جي نظام وجود ورتو.

ويب سائيٽ (Web site) ڊسمبر 2002ع ۾ وجود ورتو.

فيس بوڪ (Face Book) فيبروري 2004ع ۾ آيو.

يو ٽيوب (You Tube) 2005ع ۾ آيو.

ٽُئٽر (Twitter) 2006ع ۾ آيو.

- دنيا جا هڪ ارب ماڻهو فيس بوڪ استعمال ڪري رهيا آهن.
- دنيا اندر هر مهيني 6 ارب ڪلاڪ يو ٽيوب جي وڊيو ڏٺي وڃي ٿي.
- ٽُئٽر ذريعي روزانو 340 ملين پيغام ڏنا وڃن ٿا.
- هن وقت اجوڪي دنيا ۾ موبائيل فون ذريعي ڳالهائڻ ۽ پيغام ڏيڻ سڀ کان سولو سستو ذريعو آهي، جنهن ذريعي ماڻهو هڪٻئي سان ڳانڍاپي ۾ اچي ويا آهن.

ميڊيا جو ڪردار

دنيا جا اربين ماڻهو ميڊيا جي ذريعي هڪٻئي سان رابطي ۾ آهن ۽ روز جي معاملن کان آگاهہ آهن، ڇو تہ ميڊيا شعور جي واڌ ۽ سجاڳي جو وڏو ذريعو آهي. سياسي پارٽيءَ جي مکيہ ذميواري بہ ماڻهن ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ هوندي آهي ۽ ان طرح ملڪ اندر ماڻهن جو ڌيان ڇڪائي، پارٽي جي سياسي پروگرام ۽ سياسي قيادت جي معاشري اندر اهميت تسليم ڪرائڻ هوندي آهي، تہ جيئن ملڪي آبادي ۾ پارٽي لاءِ همدردي ۽ سهڪار وارو جذبو/ رويو پيدا ٿي سگهي.

اهڙي ريت عملي ميدان ۾ اهو ڪم پڻ پارٽيءَ جي ڪارڪن جو آهي، تہ جنهن سان پارٽيءَ جي عوام ۾ مقبوليت ۽ واڌ ڏسي ڪارڪن اطمينان ۽ اعتماد حاصل ڪري سگهن ۽ جنهن ۾ ڪين سالن جو سياسي پورهيو بہ نظر اچي سگهي ۽ پارٽي جي همدردن ۽ ميمبرن ۾ واڌارو بہ اچي سگهي. عوام جي اهڙي حمايت ڏسي ميڊيا بہ اوهان کي اهميت ڏيڻ شروع ڪندي آهي ۽ اهڙي طرح موجوده دور جي اها ڳالهہ اهم آهي تہ راءِ عامہ کي هموار ۽ منظم ڪرڻ جو ڪم ميڊيا ذريعي ٿئي ٿو.

سنڌ اندر ميڊيا بابت معلومات

اوهان جنهن سنڌ ۾ رهو ٿا. ان جي پنهنجي تاريخ، روايتون، سياسي سماجي بيهڪ ۽ ميڊيا جو پڻ پنهنجو معيار آهي. اوهان وٽ ميڊيا جا ڪهڙا ذريعا آهن، جنهن جي معرفت اوهان ڪيٰ عوام اندر هر وقت موجود رهڻو آهي. معلومات حاصل ڪريو تہ سنڌ ۾ ميڊيا جا ذريعا ڪهڙا آهن؟

- سنڌي پرنٽ ميڊيا ـ سنڌ ۾ سٺ کان وڌيڪ ننڍيون وڏيون سنڌي اخبارون موجود آهن، جيڪي روزانو جي حساب سان ڇپجن ٿيون ۽ پڙهيون وڃن ٿيون.
- سنڌ ۾ 8 کان وڌيڪ (پنج بنيادي ۽ ٻيا انهن جا ميوزڪ ۽ ڊرامن جا چينل) سنڌي اليڪٽرانڪ چئنل يعني ٽيليويزن موجود آهن، جن جي ذريعي خبر جي رسائي موجود آهي ۽ تفريحي، ثقافتي ۽ معلوماتي پروگرام نشر ٿي رهيا آهن.
- سنڌ ۾ ڪيترائي سرڪاري ۽ خانگي ريڊيو موجود آهن.
- اهڙي ريت وڏي تعداد ۾ اردو اخبارون ۽ ٽي وي چينل موجود آهن.
- سنڌ ۾ پرنٽ ميڊيا ۾ بہ ڪيتريون ئي انگريزي اخبارون شايع ٿي رهيون آهن.
- اڄ ڪلهہ دنيا گلوبل وليج بنجي ويئي آهي ۽ عالمي نشرياتي ادارا بہ سنڌ اندر اهم واقعن تي پڻ رپورٽ ڪندا رهن ٿا.

پارٽي جي سياسي ڪارڪنن لاءِ اهو ڄاڻڻ ضروري آهي تہ اوهان جي ڌرتيءَ تي موجود ميڊيا جي ڌارائن جي نوعيت يعني سنڌي، اردو ۽ انگريزي ادارن جي معياري بيهڪ، ڏسندڙن، پڙهندڙن جو حلقو ۽ انهن

ادارن جي ترجيحات ۾ گهڻو ۽ واضح فرق موجود آهي. هر ميڊيا ئي ڏارا جو پنهنجي معاشري ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ سان گڏ ظلم، بربريت، ناانصافي خلاف ۽ انساني حقن/ بنيادي شهري حقن جي تحفظ ۾ اهم ڪردار آهي. مثال طور سنڌ جون پريس ڪلبون عوامي احتجاج جو مرڪز ۽ دانهن ڏيڻ لاءِ ذريعو بڻيل آهن.

پارٽي جي ميڊيا سيل جو ڪم

سڀ کان پهريان پارٽي کي هيٺيان ڪم ڪرڻ گهرجن.

1. پارٽي قيادت کي پهرين پارٽي ترجمان مقرر ڪرڻ گهرجي.
2. جلد کان جلد پارٽي ترجمان جي قيادت ۾ ميڊيا سيل قائم ڪرڻ گهرجي.
3. مرڪزي آفيس ۾ ميڊيا روم هئڻ گهرجي، جنهن ۾ ڪم جي ترتيب سان گڏ لازمي شين جو هجڻ ضروري آهي، جنهن ۾ فون، ڪمپيوٽر، فيڪس ۽ اسٽاف جو بندوبست پڻ ڪرڻ گهرجي.
4. مرڪزي اطلاعات جي شعبي جي ميمبرن سان گڏ ڊويزن، ضلعن، تعلقن ۽ يونٽ جي اطلاعات سيڪريٽرين کي ميڊيا بابت سکيا ڏياري وڃي، جنهن سان پارٽيءَ ۽ ميڊيا جو ربط پيدا ٿئي ٿو.

ميڊيا سان لاڳاپا ڪيئن هجڻ گهرجن؟

- اخبارن ۽ ٽي.وي چينلن ۾ ڪم ڪندڙ عملو محدود هوندو آهي. خبرن جي گهڻائي سبب هنن وٽ وقت محدود هوندو آهي. بهتر آهي تہ خبر انهن تائين وقت تي پهچائي وڃي.

- ساڳي وقت وڏين ۽ ننڍين اخبارن ۽ ادارن کي هڪ جيتري اهميت ڏني وڃي.
- صحافين سان بهتر تعلقات رکجن ۽ انهن کي سچ ٻڌائجي. سوالن جا درست اهڙا جواب ڏجن، جنهن مان سڏي خبر نهي سگهي.
- صحافين کان ڪڏهن به اهو مطالبو نه ڪجي ته اهي اوهان جي خبر کي ڪنهن خاص حيثيت ۾ پيش ڪن يا جڳهه ڏين.
- اوهان جي سرگرمين ۽ بيان ۾ جيڪڏهن "خبريت" هوندي ته اهم جڳهه تي ڇپجندي.
- ميڊيا جي ڪنهن اداري جي ذميوار سان رابطي دوران سڏي مختصر ۽ مقصد واري ڳالهه ڪرڻ گهرجي.
- ميڊيا جي ڪارڪنن کي اهم تجويزون ڏيڻ وقت، کين سندن پيشي جي باري ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش نه ڪجي.
- پريس ڪانفرنس يا پريس پڌرائي لکڻ وقت، پنهنجو موقف واضح پيش ڪجي ۽ اجائي ڊيگهه ۽ فلسفياڻين ڳالهين ڪرڻ کان پاسو ڪجي.
- پريس ڪانفرنس وقت موضوع کان ٻاهر جي ڳالهين تي زور نه ڏيڻ گهرجي ۽ اجائي تڪرار کان پاسو ڪرڻ گهرجي.
- اجوڪي دور ۾ ڪوشش ڪري پريس رليز ڪمپيوٽر تي تيار ڪئي وڃي ته بهتر ٿيندو ڇو ته هٿ سان لکڻ جي ڪري اخبار اندر خبر ٺاهڻ واري کي مونجهارا پيش اچي سگهن ٿا.
- پريس رليز شايع نه ٿيڻ سبب غصو نه ڪجي ۽ اخباري خبر ڇپائڻ لاءِ غير ضروري طور ميڙ منت کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

ميڊيا ۽ سياست

ميڊيا/ صحافت جا مثبت ۽ منفي پاسا

- ميڊيا سياست لاءِ اها ٻواصلاتي گاڏي آهي، جنهن جي ذريعي سياستدان عوام مٿان اثر انداز ٿين ٿا، حڪومت حاصل ڪن ٿا ۽ انتظام هلائن ٿا. خيالات جي تشهير جو سڀ کان وڏو ذريعو هن وقت ميڊيا آهي.
- پارٽي پنهنجو پڌرنامو ۽ پارٽي قيادت پنهنجا خيالات ميڊيا/صحافت معرفت آساني سان ماڻهن تائين پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي ٿي.
- معاشري جي ڀلائي لاءِ هڪ خاص حد تائين ميڊيا تي اثر انداز ٿيڻ جائز آهي. آزاد صحافت سبب نوان خيال جنم وٺن ٿا، مضبوط تنقيد جو هجڻ، حڪمراني جي منفي انداز کي واڪو ۽ پابند ڪري ٿو. معاشري اندر خاموش آواز کي اڳتي وڌڻ ۽ اظهار جو موقعو ملي ٿو.
- جديد جمهوري رياست جي تشريح موجب رياست جو بنياد انتظاميا، قانون ساز ادارن (اسيمبلي) ۽ عدليا سان گڏ پريس تي ٻڌل هوندو آهي. دنيا اندر رياست جو چوٿون پائو ايترو قابو ۾ نہ آهي،

جيترا پيا رياست جا پاوا —چو تہ ميڊيا جي طاقت کي ڪنهن طرح ماپي ۽ توري نہ ٿو سگهجي. غير ذميوار ۽ ڇڙواڳ ميڊيا جمهوريت، قومي مفادن ۽ معاشري لاءِ خطرناڪ بہ ثابت ٿي سگهي ٿي. موجوده وقت ۾ ميڊيا اهڙي طاقت آهي، جنهن جي غلط استعمال کان بچڻ لاءِ اهو نهايت ضروري آهي تہ ان کي غير جانبدار بنيادن تي هلايو وڃي.

- 20 هين صدي جي شروعات کان ماڻهن ۽ ملڪن سڄي دنيا ۾ اميرن ۽ دولت مندن هميشہ ميڊيا کي پنهنجي هٿيار طور پئي ڪتب آندو آهي. ميڊيا جي خطرناڪ پروپيگنڊا، ماڻهن کي ديوانو بنايو ڇڏي ۽ عام ماڻهن جي سادگي سبب هوشيار ۽ چالاڪ حڪمران طبقا ميڊيا جي گهوڙي تي سوار ٿي، ماڻهن جي سوچ تي قابض ٿي، حڪمراني ڪندا رهن ٿا. ميڊيا جي اهڙي ڪردار سبب سچ کي ڪوڙ ۽ ڪوڙ کي سچ ڪري پيش ڪيو ويجي ٿو.
- پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جهڙي ريت رياست جي حڪمراني تي مستقل مفاد گروهن جو قبضو ٿي ويو، اهڙي ريت ميڊيا تي پڻ رياستي ڪنٽرول سبب انهن مستقل مفاد گروهن جي سوچ جو قبضو رهيو آهي. ميڊيا مڪمل طور تعصب جو شڪار رهي آهي. جن تاريخي قومن جي وطنن تي مشتمل پاڪستان جي وفاق ۽ رياست جي گڏيل مفادن کي "قومي مفاد" سڏڻ بجاءِ "مستقل مفاد گروهن" جي مفادن کي هميشہ قومي مفاد پئي سڏيو آهي تہ ٻئي طرف رياست جي سرحدن جي تحفظ بجاءِ نظرياتي سرحدن جي دفاع جي پئي ڳالهہ ڪيئي آهي. جيڪا ڳالهہ هڪ طرف بي معنيٰ

۽ اجنبي پئي رهي آهي. ٻئي طرف مذهبي معاملات کي رياستي/حڪومتي معاملات سان گڏائي هلائڻ جي نتيجي ۾ جيڪا سوچ پيدا ٿي آهي، ان جي نتيجي ۾ مذهبي جنونيت ۽ اڻ برابري واري طبقاتي معاشري ۾ واڌارو ٿيو آهي.

- تاريخي قومن ۽ انهن جي وطنن کان انڪار انسان دوستي جي اپٽ، مذهبي رواداري ۽ برداشت کان خالي سوچ کي اپاريو ويو جنهن فسطائيت جي نظرئي کي پئي هٿي وٺرائي، حقيقتن ۾ آئيڊيالاجي معاشري جي تسليم شده شڪل هوندي آهي، جنهن سان ماڻهن جي حيات جا مقصد حاصل ٿين ٿا ۽ هڪ جهڙا رسم رواج شامل هوندا آهن. پاڪستان جي رياست ۾ حڪمران طبقا ۽ پريس فيڊريشن ۾ شامل قومن، هزارين سالن جي روايتن ۽ پورهيت عوام کان جدا شڪل ۾ ظاهر ٿي سامهون آيا.
- ذميوار ميڊيا قومن کي سجاڳ ڪري درست رستو ڏيکاريندي آهي. حڪمرانن جي قبضي هيٺ آيل اهڙي ميڊيا عوام کي گمراهہ ڪندي آئي آهي، هن رياست جي ميڊيا منفي ڪردار سبب فيڊريشن پنهنجو حقيقي رستو ڀلجي وئي آهي. اڄ جي دور ۾ نام نهاد قومي ميڊيا جيڪا پرائيويٽ ميڊيا آهي. سچ، عوام ۽ سنڌ کان ويڇوٽي تي بيٺل آهي.
- سنڌ جي ميڊيا بہ آهستي آهستي ارتقائي سفر طئي ڪري هن وقت سنڌ جي معاشرتي اداري جي شڪل اختيار ڪري ورتي آهي. مختلف وقتن تي سنڌي ميڊيا بيشڪ سماجي سجاڳي،

انساني حقن جي ترجماني ۽ سنڌ جي قومي مفادن جي بچاءُ لاءِ طاقتور محاذ جو ڪردار پڻ ادا ڪيو آهي.

- اڄوڪي سنڌي ميڊيا گهڻو ڪري ٽن جي ادارن يعني اخبارن ۽ ٽي وي جي نشرياتي چينلن تي مشتمل آهي. ڪجهه ادارا ڪمزور، ڪجهه وچٿرا ۽ هڪ اڌ ادارو مضبوط ٿي سامهون آيا آهن. پر ان هوندي به صحافتي معيار ڪمزور ٿي ڪري رهيو آهي. نون صحافين جي لاءِ نه ڪشش آهي ۽ نه ئي سڪيا جو بندوبست — اداري ۽ فيلڊ ۾ ڪم ڪندڙ سنڌي صحافين کي وقت تي مناسب پگهارون ملڻ جو سوال سامهون آهي؟
- سنڌي ميڊيا حڪومتي اثر رسوخ، مالي ۽ ڪاروباري مفادن ۽ معاشري ۾ موجود تشدد ۽ جبر جي دٻاءَ هيٺ هڪ طرف پنهنجو صحافتي ڪردار ڪمزور ڪري رهي آهي ته ٻئي طرف سنڌ جي عوام جي مرضي جي ابتڙ مرڪزيت پسند سوچ، مذهبي انتهاپسندي جي لاڙن ۽ جاتل سجاتل دهشتگرد سوچ کي هٿي وٺرائڻ ۽ اپارڻ ۾ سهڪار ڪري رهي آهي.
- اهڙي ريت سنڌ جي ميڊيا به ملڪ جي نام نهاد قومي ميڊيا جي پيروي ڪندي سيڪيولر ۽ امن پسند قومي حقن جي سياست ڪندڙ وطن دوست ڌرين کي نظر انداز ڪندي اندرين صفحن ۾ ڇپي، طاقتور ڌرين کي اهو باور ڪرائي رهي آهي ته اها به نام نهاد قومي ميڊيا وانگر سندن مفادن ۽ سوچن جي نگهبان آهي.

پريس رليز ڇا آهي ۽ ڪيئن لکجي؟

پريس رليز هڪ قسم جو بيان آهي، جيڪو ڪنهن به تنظيم، پارٽي يا اڳواڻ پاران ميڊيا کي جاري ڪيو ويجي ٿو- پريس رليز ان وقت جاري ڪيو ويندو آهي جڏهن ڪا به اهم ڳالهه، موقف يا معلومات ميڊيا ذريعي عوام تائين پهچائڻ جي ضرورت محسوس ڪئي ويندي آهي- اجايا ۽ غير ضروري پريس رليز جاري نه ڪرڻ گهرجن جن سان پارٽيءَ جي اهميت کي نقصان پهچي- پريس رليز لکڻ مهل هيٺين ڳالهين کي خاص ڌيان ۾ رکڻ گهرجي:

1- ڇا اهڙي ڪا ڳالهه آهي، جنهن جي ڪري پريس رليز جاري ڪرڻ جي ضرورت آهي؟

2- ڇا پريس رليز جي مواد ۾ خبريت آهي، جيڪا ميڊيا ۾ پنهنجي لاءِ جاءِ حاصل ڪري سگهي؟

3. پريس رليز جي ابتدائي پئراگراف کي صحافتي ٻوليءَ ۾ انٽرو سڏجي ٿو ۽ جيڪو نهايت سگهارو هئڻ گهرجي تہ جيئن اهو اخباري اداري يا ٽي وي چئنل جي نيوز روم ۾ ويٺلن جو ڌيان ڇڪائي سگهي. ڪمزور "انٽرو" جي سبب پريس رليزن کي گهڻو ڪري غير اهم سمجهي نظرانداز ڪيو ويندو آهي.

4. پريس رليز ۾ غير ضروري ۽ اجاين لفظن، لفاظي ۽ جملن جي ورجاءَ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. ٽيڪنيڪل ۽ منجهيل لفظن واري پريس رليز بہ ناڪاره ڄاتي وڃي ٿي. پريس رليز نهايت مختصر پر اٽڪل نہ هئڻ گهرجي ۽ وڌ ۾ وڌ هڪ صفحي تي مشتمل هئڻ گهرجي.

5. پريس رليز يا بيان جي سُرخي يا هيڊنگ بہ انٽرو وانگر سگهاري هجڻ گهرجي، جيڪا انٽرو مان ئي ٺاهي ويندي آهي. ڪوبہ صحافي سُرخي پڙهڻ کانپوءِ ئي پريس رليز جو انٽرو ۽ باقي مواد پڙهندو آهي.

6. اخباري ۽ نشرياتي ادارن وٽ رُڳو اوهان جي پريس رليز نہ هوندي آهي پر دنيا جهان جون خبرون ۽ بيان هوندا آهن، تنهنڪري پريس رليز وقت سر جاري ڪرڻ گهرجي، تہ جيئن پنهنجي اهميت آهر اها جاءِ والاري سگهي.

7. پريس رليز پارٽي جي ليٽر پيڊ تي جاري ڪرڻ گهرجي، جنهن تي پارٽي دفتر جو پتو ۽ فون نمبر واضح ۽ چٽي طور لکيل هئڻ گهرجي. پارٽيءَ جي موقف ۽ پاليسيءَ جي تصديق، توڙي وڌيڪ

معلومات وٺڻ لاءِ، صحافين کي رابطي جي ضرورت هوندي آهي، تنهنڪري پارٽيءَ جي ترجمان جو نالو بہ لکڻ لازمي آهي.

8. پريس رليز لکي پورو ڪرڻ کانپوءِ، ان کي هڪ بہ ٻيرا پڙهي پروف ريڊنگ (چُڪون ڀُولي ختم ڪرڻ) گهرجن.

9. پارٽيءَ جي اطلاعات واري شعبي وٽ اخباري ۽ نشرياتي ادارن جي واسطيدار ماڻهن جي فون، فيڪس نمبرن ۽ اِي ميل ايڊريسن جي مڪمل فهرست هئڻ گهرجي. پريس رليز تيار ڪرڻ بعد اها ڪين فيڪس ۽ اِي ميل رستي موڪلي وڃي ۽ پوءِ موبائل فون يا ايس ايم ايس ذريعي ٻڌائڻ گهرجي. خاص حالتن ۾ پريس رليز هٿوهٿ بہ موڪلي سگهجي ٿي.

پريس رليز جو نمونو

22 مئي 2012

حيدر منزل، ڪراچي

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي مڪاني ادارن جي نئين نظام کي قبول نہ ڪندي : جلال محمود شاهہ

نئون نظام سنڌ کي ورهائڻ جي سازش آهي - ايس يو پي سنڌ ۾ ان نظام خلاف هلچل هلائيندي

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ موجوده حڪومت جي تجويز ڪيل مڪاني ادارن جي نئين سرشتي کي رد ڪندي ان خلاف سڄي سنڌ ۾ هلچل هلائڻ جو اعلان ڪيو آهي.

"اسان جي پارٽي نئين مڪاني سرشتي کي سنڌ کي ورهائڻ جي سازش سمجهي ٿي تنهنڪري اهڙي ڪنهن به سرشتي کي هرگز قبول نه ڪندي" ايس يو پي سربراهه سيد جلال محمود شاهه اڄ هڪ بيان ۾ چيو.

هن چيو ته سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو هنگامي اجلاس 23 مئي تي حيدر منزل تي ڪوٺايو ويو آهي جنهن ۾ نئين نظام خلاف هلچل هلائڻ جي حوالي سان اهم فيصلا ڪيا ويندا. فيصلن جو اعلان گڏجاڻيءَ کان هڪدم پوءِ پريس ڪانفرنس ۾ ڪيو ويندو. "اسان ان هلچل ۾ سنڌ جي سموري عوام کي گڏ کڻي هلنداسين تنهنڪري ٻين قومپرست ۽ همخيال جماعتن سان به رابطا ڪيا ويندا." جلال شاهه چيو.

جاري ڪندڙ

ادريس چانڊيو

مرڪزي پريس سيڪريٽري

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي

فون: 03062423394

پريس ڪانفرنس

سڀ ڪان اڳ ۾ اهو سمجهڻ گهرجي تہ پريس ڪانفرنس ڇا هوندي آهي ۽ ڇو ڪئي ويندي آهي ـ ڪابہ سياسي پارٽي، تنظيم يا اڳواڻ ڪوبہ اهم اعلان ڪرڻ گهرندو آهي تہ پريس ڪانفرنس ڪوٺائي ويندي آهي ـ عام طور پريس ڪانفرنس جو مواد پريس رليز ڪان وڌيڪ هوندو آهي جو پريس ڪانفرنس وارو بيان پڙهڻ کانپوءِ صحافي سوال بہ پڇندا آهن جن جي جواب ۾ ڳالهائڻ سان بہ ٻيون ڪيتريون ئي ڳالهيون آڏو اچي وينديون آهن ـ ڪوشش ڪجي تہ پريس ڪانفرنس ۾ ان مخصوص موضوع تائين محدود رهجي ڇو تہ هڪ ئي وقت گهڻن مسئلن تي ڳالهائڻ سان اصل مسئلو پوئتي رهجي ويندو آهي ـ اخباري ۽ نشرياتي ادارن توڙي انهن جي صحافين کي وقت سر پريس ڪانفرنس جو اطلاع ڏنو وڃي ـ اهڙي اطلاع کي انگريزيءَ ۾ ميڊيا ايڊوائيزري Media Advisory بہ سڏين ٿا ـ ان دعوتنامي ۾ ٻڌايو ويندو آهي تہ پريس ڪانفرنس ڪهڙي موضوع تي آهي، ڪڏهن ۽ ڪٿي ڪئي ويندي ۽ ان کي ڪير خطاب ڪندو ـ ان دعوتنامي ۾ بہ پارٽي ترجمان جو نالو ۽ رابطي جو نمبر لکڻ لازمي آهي. پريس ڪانفرنس لاءِ هيٺيون ڳالهيون ڌيان ۾ رکڻ گهرجن:

1ـ پريس ڪانفرنس صرف ان وقت ڪوٺائجي جڏهن ان جي ضرورت هجي ـ

2ـ پريس ڪانفرنس لاءِ مناسب ڏينهن، وقت ۽ هنڌ مقرر ڪيو وڃي ـ

3. اڳواٽ طئہ ڪرڻ گھرجي تہ پريس ڪانفرنس ڪير خطاب ڪندو.

4. صحافين جي فهرست مان چونڊ ڪئي وڃي تہ ڪھڙن صحافين کي دعوت ڏني ويندي.

5. پريس ڪانفرنس ۾ موجود صحافين منجھہ ورهائڻ لاءِ پريس ڪانفرنس واري نوٽ يا بيان جون فوٽو ڪاپيون مناسب تعداد ۾ تيار ڪرايون وڃن.

6. پريس ڪانفرنس هر حالت ۾ مقرر وقت تي شروع ڪئي وڃي چو تہ صحافين کي ٻيون مصروفيتون بہ هونديون آهن ۽ اجائي دير سان اهي ناراض ٿي پوندا آهن ۽ ڪن حالتن ۾ اهي پريس ڪانفرنس جو بائيڪاٽ بہ ڪندا آهن.

7. پريس ڪانفرنس ۾ ڳالهائڻ لاءِ مڪمل تياري هجي تہ جيئن ڪنهن بہ سوال تي منجهڻ بدران رواني سان جواب ڏئي سگھجي. ڪنهن سوال تي منجهڻ سان پارٽي ۽ ان اڳواڻ لاءِ خراب تاثر پيدا ٿيندو آهي.

8. صحافين جا ڪي سوال مچرائيندڙ ٿي سگهن ٿا پر خطاب ڪندڙ کي ڪنهن بہ حالت ۾ ڪاوڙ جو اظهار نہ ڪرڻ گھرجي.

9. پريس ڪانفرنس ختم ٿيڻ تي صحافين جو ٿورو مڃڻ گھرجي ۽ ڪوشش ڪجي تہ هر هڪ سان انفرادي طور بہ دعا سلام ڪجي.

10. پريس ڪانفرنس ۾ ڪيترائي صحافي موجود نہ هوندا، تنهنڪري بعد ۾ پريس ڪانفرنس وارو نوٽ يا بيان اخباري ۽

نشرياتي ادارن يا انهن جي صحافين کي فيڪس يا اِي ميل ذريعي ۽ هٿوهٿ موڪلي ڏجي.

11. پريس ڪانفرنس ۾ پڙهڻ لاءِ تيار ڪيل نوٽ يا بيان جا بنيادي اصول بلڪل پريس رليز جهڙا ساڳيا آهن سواءِ ان جي ته لکيل مواد هڪ صفحي کان ڪجهه وڌائي سگهجي ٿو. ٽن چئن صفحن وارو بيان پڙهڻ سان صحافي بيزار ٿي پوندا آهن. بيان کي محدود رکي باقي ڳالهين کي سوالن جوابن لاءِ ڇڏڻ گهرجي.

پريس ڪانفرنس واري بيان جو نمونو

ڪراچي، 23 مئي 2012

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ حيدر منزل تي ڪوٺايل پنهنجي هنگامي گڏجاڻيءَ ۾ موجوده حڪومت جي تجويز ڪيل نئين مڪاني ادارن واري نظام تي تفصيلي بحث ۽ ويچار ڪيو.
مرڪزي ڪميٽي ان خيال جي آهي ته نئون مڪاني نظام شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي بنياد تي سنڌ کي ورهائڻ جي هڪ سوچيل سمجهيل سازش آهي جنهن هيٺ سنڌ جي اصل ڌرتيءَ ڌڻين کي ٻهراڙين تائين محدود رکي، ڪين سياسي اقتدار کان محروم ڪيو ويندو. موجوده حڪومت پنهنجي سياسي مصلحتن خاطر سنڌ جا سمورا شهر هڪ اهڙي تنظيم جي حوالي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وئي آهي جنهن هن ڌرتيءَ کي

نسلي ڇڪتاڻ جي اوڙاهه ۾ اُڇلائي بدامنيءَ جي باهه ۾ ساڙيو آهي - نئين مڪاني نظام سان ان نسلي تنظيم جا هٿ اجان وڌيڪ مضبوط ٿيندا ۽ سنڌ جون حالتون وڌيڪ خراب ٿينديون-

ان صورتحال جي پيش نظر، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ فيصلو ڪيو آهي ته 28 مئي 2012 کان سڄي سنڌ ۾ نئين مڪاني نظام جي خلاف احتجاجي هلچل هلائي ويندي جنهن تحت پهرين مرحلي ۾ روزانو هر تعلقي ۽ ضلعي هيڊڪوارٽر ۾ پارٽيءَ پاران مظاهرا ڪيا ويندا ۽ ريليون ڪڍيون وينديون - هڪ هفتي تائين مظاهرا ڪرڻ کانپوءِ بک هڙتالون شروع ڪيون وينديون ۽ روزانو سنڌ جي هر شهر ۾ پريس ڪلبن ٻاهران پارٽيءَ جا نوان جٿا بک هڙتال تي ويهندا- بک هڙتالن جو سلسلو ٻه هفتو هلندو جنهن کانپوءِ ڪراچيءَ ۾ تاريخ جو سڀ کان وڏو جلوس ڪڍيو ويندو جنهن جي تاريخ جو اعلان بعد ۾ ڪيو ويندو - جيڪڏهن حڪومت پنهنجو فيصلو واپس نه ورتو ته پوءِ سڄي سنڌ ۾ شٽر بند ۽ ڦيٿا روڪ هڙتالن جو ختم نه ٿيندڙ سلسلو شروع ڪيو ويندو-

سيد جلال محمود شاهه
مرڪزي صدر سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي

ميڊيا ۽ نفسياتي جنگ

مختلف وقتن ۾ مختلف هنڌن تي ميڊيا کي نفسياتي جنگ لاءِ وڏي هٿيار طور ڪتب آندو ويو آهي. ٻي عالمي جنگ ۾ خاص طور نيوز ميڊيا ۽ فلم کي پرچار طور استعمال ڪيو ويو. اڄ ان طرح جي زماني طور اشتهار کي پروپيگنڊا طور استعمال ڪيو وڃي ٿو. مالدار ڪمپنيون Mass Advertising يعني وڏي پئماني تي اشتهارات جي ڀرمار ذريعي عام ماڻهن ۾ مخالفن کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. مالدار ڪمپنين جي پٺيان رياستي حڪومتون هجن ٿيون. ڪجهه ملڪن اندر اهڙو ڪم رياستن جون حڪومتون پنهنجي سڌ سماءَ واري وزارتن ذريعي عمل ۾ آڻينديون آهن. اهڙي طرح ميڊيا ۽ ان جي نيوز چينلن کي ڀرپور نموني استعمال ڪيو وڃي ٿو ته جيئن انساني سوچن مٿان مخصوص سوچن کي غالب بنائي ۽ يرغمال رکي سگهجي.

سماج ۾ ظاهري طور آزاد ميڊيا جو تاثر هئڻ جي باوجود ڪيترين ئي حقيقتن ۽ سچاين عام ماڻهو کان لڪايون وڃن ٿيون.

دنيا ۾ اربين جي تعداد ۾ ماڻهو موجود آهن، جن ۾ هر پل اربين خيال جنم وٺن ٿا. هڪ طرف انفارميشن ٽيڪنالاجي جي جديد ذريعن سبب عام ماڻهو تائين معلومات جي رسد وڏي آهي پر ٻئي پاسي دنيا جي طاقتور قوتن پاران ريسرچ ادارن جي نالي ۾ قائم ڪيل ايڊوانس ۾

ريسرچ پروجيڪٽ ذريعي انساني خيالن ۽ سوچن جي وهندڙ دريائن مٿان ضابطو ۽ قبضو ڪيو ويجي ٿو. انساني خيال جيڪي سوشل ميڊيا يعني انٽرنيٽ، فيس بڪ ۽ ٽوئٽر ذريعي رڪارڊ ٿين ٿا. انهن سڀني جو رياستي ۽ بين الاقوامي ادارن جي مرڪزن کان گذري اڳتي وڃڻو پوي ٿو.

نفسياتي جنگ

1. دماغن ۽ دلين تي قبضو ڪريو ته جيئن هنن جو روح توهان جي پيروي ڪري.
2. اصل حقيقتن کي لڪائڻ جو منظم عمل نفسياتي جنگ جو حربو آهي، جنهن ڪري دنيا وڌيڪ پيچيده ٿي وئي آهي. ڇو ته سچ ماڻهن تائين نه ٿو پهچي.
3. نفسياتي جنگ ٻين علمن وانگر سائنس آهي، جيڪا اڄوڪي دور ۾ هر طرف موجود آهي ۽ ڪم ڪري ٿي. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته هي سائنس نئين ۽ پراڻي زماني کي جدا ڪري ٿي. ڇو ته اقتدار جو افسانو سچائي ۽ تاريخ کان وڌيڪ ماڻهن کي تڪڙو متاثر ڪري وجهي ٿو.
4. نفسياتي جنگ جو بنيادي مقصد منظم پرچار ذريعي مخالفن جي راءِ، جذبات ۽ روين تي اثر انداز ٿيڻ آهي.
5. نفسياتي جنگ دماغي جنگ آهي، جيڪا آواز ۽ نظر سان وڙهي ويندي آهي. پيغام جي هٿيار جي اهميت اها آهي ته آواز ٻڌندڙن تي اثر انداز ڪيئن ٿجي؟

پهرين ۽ ٻي مهاياري لڙائي ۾ نفسياتي جنگ جو هٿيار استعمال ڪيو ويو. حقيقت ۾ پهرين ۽ ٻي عالمي جنگ قومن جي جنگ هئي، جن جي پويان سرمائيدارن جا علائقائي ۽ عالمي مقصد هئا. جنگ جي خاتمي ڪانپوءِ دنيا جي نقشي ٻن بلاڪن جي شڪل اختيار ڪري ورتي. سرمائيدارانه بلاڪ جنهن جي قيادت آمريڪا وٽ آهي ۽ سوشلسٽ بلاڪ جنهن جي اڳواڻي سوويت يونين وٽ هئي. ٻنهي بلاڪن جي وچ ۾ سرد جنگ جو ڊگهو سفر جاري رهيو جنهن کي نظرين، معيشت ۽ نفسياتي جنگ جو دور سڏي سگهجي ٿو. هي دور سوشل ميڊيا کان خالي هيو ان دور ۾ اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا مڪمل طور رياستي حڪومتن جي قبضي هيٺ رهي آهي.

سوويت يونين جي زوال سرد جنگ جو خاتمو آندو ۽ دنيا گلوبل وليج جي شڪل اختيار ڪري ورتي. قومن ۽ بلاڪن جي روايتي جنگ ۽ سرد جنگ جو دور پورو ٿي ويو. هن وقت سڏي ريت قومون ٻين قومن سان نه ٿيون وڙهن، پر رياستون، رياستن سان ٽڪراءَ ۾ آهن، ڇو ته رياستن مٿان ڳجهي قوت اسٽيبلشمينٽ طور قبضو ڪري ورتو آهي. هاڻ دنيا اندر رياستن جي شڪل اها نه رهي آهي، جيڪا رياست اڳ واري هئي. اڄ جي رياستن جون واڳون نمائنده حڪومتن بجاءِ منظم اسٽيبلشمينٽ وٽ هجن ٿيون، جيڪا سهي معنيٰ ۾ رياست جي منظم، اعليٰ ۽ مٿانهين شڪل ٿئي ٿي.

دنيا جون ترقي يافتا رياستون / ملڪ هڪٻئي جي نفسياتي جنگ جو مقابلو ڪري رهيون آهن. پنهنجي ملڪ جي قومي ورثي ۽ عوام جي دماغن ۽ دلين کي ٻاهرين جي نفسياتي يلغار کان بچائي

رهيون آهن. ڪڏهن ڪڏهن خبرن جو تاءُ جنگ جو ماحول جوڙي وجهي ٿو ۽ علاقائي ڪشيدگي ۾ واڌارو آڻي وجهي ٿو. جيئن گهڻو ڪري هندستان ۽ پاڪستان جي ميڊيا قومي مفادن جي آڙ ۾ جنگ جو ابتدائي ماحول جوڙيندي آهي.

تاريخي طور الميو اهو آهي ته ملڪ جو رياستي ڍانچو پاڪستان جي تاريخي قومن يعني سنڌ، بلوچستان، خيبرپختونخواهه ۽ پنجاب جي قومي ورثي کي گڏيل پاڪستان جي قومي ورثي طور قبول ڪرڻ بجاءِ اجنبي ۽ باهر کان آندل خيالن ۽ ثقافت کي پنهنجو قومي ورثو بڻائي ڇڏيو آهي. تاريخ جي اهڙي ستم ظريفي وقت اسان جي ميڊيا جو ڪهڙو قومي ڪردار نهي ٿو ۽ ڇا هئڻ گهرجي، نهايت اهم سوال آهي؟

ان سلسلي ۾ اسان جي ميڊيا کي واضح طور چٽو هئڻ گهرجي، انهن کي سنڌ جي قومي مفادن سان سلهاڙيل هئڻ گهرجي. ڪنهن به طرح ادارن جي ڪاروباري مفادن خاطر رياست جي مستقل مفاد گروهن ۽ حڪومتن جي وقتي گهرجن تحت دهشتگرد گروهن جي خوف، مذهبي انتهاپسند قوتن جي دڙڪي خاطر سنڌ جي عوام مٿان نفسياتي جنگ مسلط نه ڪئي وڃي.

- سنڌ ۾ باقي ملڪ وٽ سنڌو تهذيب جو بهترين خاڪو موجود آهي، ان جي ڀيٽ ۾ ملڪ جو موجوده رياستي خاڪو اجنبي ۽ خيالي ڳالهين کي ترويج ڏئي ٿو جيڪا ماڻهن جي ذهنن ۾ زبردستي وڌي وڃي ٿي.

- سنڌ ۾ باقي تاريخي قومن جا پنهنجا قومي مفاد موجود آهن، انهن جي بجاءِ مرڪز جي غير واضح ۾ نام نهاد مفادن جي بچاءُ جي وڪالت ته ڪئي وڃي ٿي.
- سنڌ ۾ انسان دوست، قومپرست فڪر جون وارث سياسي پارٽين جي موجودگي هجڻ باوجود انهن جي موقف ۾ سرگرمين کي ڪمزور شڪل ۾ پيش ڪرڻ، سنڌي عوام کي پنهنجي قومي قيادت کان محروم ڪرڻ جي برابر آهي.
- مرڪزيت پسند قوتن، مذهبي انتهاپسند جماعتن ۽ دهشتگرد قوتن کي سنڌي ميڊيا ۾ خاص اهميت ترويج ڏيڻ وارو عمل سنڌو تهذيب جي انسان دوست ۽ محب وطن سوچن ۾ جذبن تي حملي برابر آهي.
- اميد ته سنڌي ميڊيا ايندڙ وقت ۾ طاقتور ٿيندي، ذميوارانه ڪردار ادا ڪندي ۽ درست معنيٰ ۾ آزاد صحافت وارو مقام حاصل ڪندي ۽ سنڌي ميڊيا جا قدم هر وقت سچ جي طرف وڌندا رهندا.

******

تبديليءَ جو انتظار ڪرڻ بجاءِ،

اچو تہ تبديليءَ جو سبب بڻجون

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪَڙُ ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ به مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ به ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، جاڻَ، سمجهہ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن ڪي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني ڪي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن ڪي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ ڪي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن ڪي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)